# اسان بڇون ڇو نه ٿا؟

25- January-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اسان ڊڄون ڇو نہ ٿا؟

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش کان سواءِ ڪو بہ سايو نہ هوندو، ٽي شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي سايي (ڇانوَ) ۾ هوندا، عرض ڪيو ويو: **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اُهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي

پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو.“ (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ۱۶۹ حديث ۳۶۴)

اُن پرُدُرود جن کو کِس بے کَساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے
(حدائقِ بخشش،۳۰۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خوف خدا جي سبب چيلهہ ٽُٽي پئي

حضرت سَيِدُنا سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه اسلام جا مفتي،تمام وڏا عالم،عبادت ۾ ڪثرت ڪرڻ وارا ۽ تقويٰ ۽ خوف خدا وارا هئا پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه

www.dawateislami.net

99 هجري ۾ عراق جي شهر ڪوفه ۾ پيدا ٿيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حديث جي علم ۾ مهارت رکندا هُئا،وڏا وڏا عالم سندن شاگرد هُئا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سڄي عمر دين جي خدمت ڪئي ۽ 161 هجري ۾ عراق جي شهر بصره ۾ وفات ماڻي، سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ منقول آهي تہ سندن ڇيلھ جواني ئي ۾ ڇٻي ٿي وئي هئي ماڻهن ڪيئي ڀيرا ان جو سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪو جواب نہ ڏنو، سندن جو هڪ شاگرد (Student) ڪافي عرصي تائين ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ رهيو تہ اوهان ڪان ان جو سبب دريافت ڪري سگهي، آخر هڪ ڏينهن ان موقعو ڏسي سندن ڪان ان جي باري ۾ پڇي ئي ورتو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پهريان تہ ڪو جواب نہ ڏنو پر پوءِ ان جي زور پرڻ تي فرمايائون، منهنجو هڪ استاد جن جو شمار وڏن عالمن ۾ ٿيندو هو ۽ مون ان ڪان ڪيئي علوم وفنون سکيا هئا، جڏهن ان جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ مون کي فرمائڻ لڳا، اي سفيان! ڇا توکي خبر آهي تہ مون سان ڪهڙو معاملو پيش آيو؟ مان پنجاھ سال تائين ربّ جي مخلوق کي ربِ ڪريم جي اطاعت ڪرڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جي تلقين ڪندو رهيس، پر افسوس! اڄ جڏهن منهنجي زندگي جو ڏيئو وسامڻ جي ويجهو آهي جيڪڏهن الله ڪريم مون کي پنهنجي بارگاھ مان هي فرمائي ڪري ڪڍي ڇڏيو تہ تون منهنجي بارگاھ ۾ اچڻ جي اهليت نٿو رکين، پنهنجي استاد جي اها ڳالھ ٻڌي خوف سبب منهنجي ڇيلھ ٽٽي پئي، جنهن جي ٽٽڻ جو آواز اتي موجود ماڻهن بہ ٻڌو ۽ مان پنهنجي رَبّ ڪريم جي خوف مان لڙڪ وهائيندو رهيس ۽ نوبت ايستائين پهتي جو منهنجي پيشاب مان بہ رت اچڻ لڳو ۽ مان بيمار ٿي پيس، جڏهن بيماري شدت اختيار ڪري وئي تہ مان هڪ غير مسلم حڪيم وٽ ويس، پهريان تہ ان کي منهنجي بيماري جي خبر نہ پئجي سگهي، پوءِ ان غور سان منهنجي چهري جو جائزو ورتو ۽ منهنجي نبض ڏٺي ۽ ڪجھ دير سوچڻ ڪان پوءِ چيائين، منهنجو خيال آهي تہ هن وقت مسلمانن ۾ هن جهڙو نوجوان ڪٿي نہ هوندو ڇوتہ هن جو جگر خوفِ الٰهي جي ڪري ڦاٽي پيو آهي.

(حکایات الصالحین،ص ۴۵)

گناہوں نے میری کمر توڑ ڈالی مرا حشر میں ہو گا کیا یا الٰہی
تیرے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی
گناہوں کے امراض سے نیم جاں ہوں پئے مرشدی دے **شفا** یا الٰہی

(وسائلِ بخشش مُرمّم،105)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جون دليون هر وقت خوفِ خدا سان معمور هونديون آهن، انهن جو اٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ مطلب تہ زندگي جا ڏينهن رات فڪرِ آخرت ۾ گذرندا آهن ڇوتہ انهن جي ويجهو دنيا جي زندگي آخرت جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت نٿي رکي. انهن جون دليون مَحَبَتِ الٰهي سان اهڙيون معمور هونديون آهن جو اهي صرف رَبّ ڪريم جي رضا چاهيندا آهن ۽ انهن جي دلين ۾ الله پاڪ جو اهڙو خوف هوندو آهي،جو قيامت جو هولناڪ منظر هر وقت پيش نظر رهندو آهي.

پر افسوس! اڄ گناهن جي نحوست جي سبب شايد خوفِ خدا اسان جي دلين کان رخصت ٿي چڪو آهي، جڻ اسان اهو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ اسان نہ سڌريا آهيون نہ سڌرنداسين نہ سڌرڻ جو قسم کنيو آهي. اسان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ عذاب تي مشتمل ڪيتريون ئي آيتون ٻڌايون وڃن، گناهن جي وعيدن تي ڪيتريون ئي حديثون بيان ڪيون وڃن،گناهگارن جي عبرت ناڪ انجام جون حڪايتون ٻڌايون وڃن پر اسان عبرت حاصل نہ ٿا ڪريون، هيڏانهن هوڏانهن نهاري لاپرواهي سان ٻڌون ٿا شايد ان جو سبب هي ٿي سگهي ٿو تہ گناهن جي سبب اسان جي دل ايتري قدر ڪٺجي چڪي آهي جو اسان تي نصيحت (Advice) جي ڪا ڳالهہ اثر نٿي ڪري. ياد رکو! جيستائين اسان بي خوف ٿي پنهنجي زندگي ائين ئي گناهن ۾ گذاريندا رهياسين تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو بروزِ قيامت اسان جو حشر بہ اهڙن مجرمن سان ٿئي جن پنهنجي زندگي ربِّ ڪريم

www.dawateislami.net

۽ ان جي پياري رسولِ عظيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ۽ نيڪ اعمال کان پري رهي گذاري هوندي، اهڙا ماڻهو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي رحمت کان محروم هوندا، گناهن جي ڪري انهن جا چهرا ڪارا ٿي ويندا، اهي ماڻهو قيامت جي ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا هوندا پر انهن جو ڪو حامي ۽ مددگار نہ هوندو، جيئن ان ڪيفيت کي سيپاري 30سُورَه عبس آيت نمبر33 کان 37 ۾ ائين بيان ڪيو ويو آهي:

فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿۳۳﴾ يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿۳۴﴾ وَ اُمِّهٖ وَ اَبِيْهِ ﴿۳۵﴾ وَ صَاحِبَتِهٖ وَ بَنِيْهِ ﴿۳۶﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَىٕذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿۳۷﴾ (پ30، عَبَسَ:33،37)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن ايندي اها ڪن ڦاڙي رڪندڙ راڙ ان ڏينهن ماڻهو ڀڄندو پنهنجي ڀاءُ ۽ ماءُ ۽ پيءُ ۽ زال ۽ پُٽن کان انهن مان هر هڪ کي ان ڏينهن هڪ فڪر آهي جو اهوئي کيس ڪافي آهي.

ايستائين جو انهن مجرمن کي گهيلي جهنم ۾ وڌو ويندو سيپاري 16 سور ه مريم آيت نمبر 86 ۾ ارشاد آهي:

وَّنَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿۸۶﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ ڏوهارين کي جَهَنم جي طرف هڪلِينداسِين اُڃايل.

اهڙن گنهگارن کي جهنم(Hell) ۾ درد ناڪ عذاب ڏنو ويندو جيئن سيپارو 11 سوره يونس آيت نمبر 27 ۾ ارشاد آهي:

وَالَّذِيْنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍۢ بِمِثْلِهَا ۙ وَ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَآ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا مِّنَ الَّيْلِ مُظْلِمًا ؕ اُولٰٓىٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۷﴾

**ترجمو ڪنز الايمان**: ۽ جن بُرا ڪم ڪيا تہ بُرائيءَ جو بدلو اُنهيءَ جهڙو آهي ۽ اُنهن تي ذلت چڙهندي اُنهن کي الله کان بچائڻ وارو ڪير نہ هُوندو، ڄڻ تہ سندن مُنهن تي اُونداهِي رات جا ٽُڪرا چاڙهيا ويا هُجن اُهي دوزخِي آهن اُهي اُن ۾ هميشہ رهندا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن آيت سڳورين مان معلوم ٿيو تہ جيڪو دُنيا ۾ گناهن ۾ مبُتلا ٿيندو قيامت جي ڏينهن اهڙن ماڻهن سان ان جا ماءُ پيءُ، اولاد، ڀائر ۽ پڪن دوستن مان ڪو بہ انهن جو مدد گار نہ ٿيندو. اهڙن بد نصيبن کي گهلي جهنم ۾ وڌو ويندو. اهڙن مجرمن (Criminals) جو جيڪڏهن ايمان سلامت نہ رهيو تہ انهن جو ٺڪاڻو هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزخ بڻايو ويندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي تہ غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿي وڃڻ گهرجي ۽ مرڻ کان بعد گناهگارن جو حال ٻڌي ڊڄي وڃڻ گهرجي ۽ پڪي سچي توبہ ڪري نيڪين ۾ مشغول ٿي وڃڻ گهرجي. افسوس صد افسوس! اسان جي مُعاشري ۾ ماڻهو ڏينهن رات ٻين جي خوف سبب تہ لڪي لڪي گناهہ ڪندا آهن تہ ڪٿي منهنجي دوستن ۽ گهر وارن کي نہ معلوم ٿي وڃي پر ان رَبّ ڪريم کان نٿا ڊڄون جيڪو رات جي اونداهي ۾ بہ اسان جي حال کان هروقت باخبر آهي ۽ گناهہ ڪندي وقت اسان کي هن ڳالھ جو بہ خوف نٿو رهي تہ بروزِ قيامت تمام محشر وارن جي اڳيان گناهن کان ڀرپور اعمال نامو پڙهي اسان کي ٻڌائڻو پوندو جتي اهي ماڻهو بہ هوندا جو دنيا ۾ جن جي دلين ۾ اسان جي عزت ۽ اهميت هئي. اي ڪاش! ان وقت جي بدنامي ۽ شرمندگي کان بچڻ جي لاءِ هينئر کان اسان کي خوفِ خدا جي دولت نصيب ٿي وڃي. اي ڪاش! اسان گناهن کان پري رهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اي ڪاش! اسان هر گهڙي نيڪين ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون. اي ڪاش! قيامت جي خوفناڪ ڏينهن کي هميشہ ياد رکڻ وارا بڻجي وڃون. جيڪڏهن اسان کي هي خوفِ خدا جي دولت نصيب ٿي وڃي تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجي ويندو. اسان جي بُزرگانِ دين تہ اهڙا انسان هئا جو ڏينهن رات نيڪين ۾ گذاريندا هئا، انهن جي جسم (Body) جو هر هر حصو ربِّ ڪريم جي خوف ۽ ان جي مَحَبَّت سان سرشار رهندو پوءِ بہ هو پنهنجي عملن کي ڪافي نہ سمجهندا هئا ۽ خوفِ خدا سبب خوب ڳوڙها ڳاڙيندا هئا، جيئن

## خبر ناهي منهنجو ٺڪاڻو جنت ٿيندو يا جهنم!

حضرت سَيِدُنا مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مقامِ جبانہ تي حضرت سعدون رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ڏٺائون تہ ان کان حال پڇيائون. انهن فرمايو: اي مالڪ! ان شخص جو حال ڪھڙو هوندو جنهن جي صبح ۽ شام اهڙي ڏگهي سفر ۾ گذري جنهن ۾ کو سامانِ سفر ۽ زادِ راه موجود نہ هجي ۽ ان کي ٻانهن جي وچ ۾ عدل ۽ انصاف فرمائڻ واري رَبّ جي بارگاهہ ۾ بيهاريو ويندو. اهو چئي هو زور زور سان روئڻ لڳو، حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا مون ان کان روئڻ جو سبب پڇيو؟ تہ فرمايائون: مان دنيا جي لالچ جي ڪري نہ پيو روئان ۽ نہ ئي موت جي خوف ۽ مصيبت مون کي رُئاريو آهي بلڪ مان تہ پنهنجي زندگي جي ان ڏينهن تي روئي رهيو آهيان جنهن ۾ کو سنو عمل نہ ڪري سگهيس، خُدا جو قسم مون کي تہ زادِ راهہ جي قلت، ڪاميابي کان دُوريءَ ۽ دُشوار گذار گهاٽي (Vale) رُئاريو آهي. مون کي خبر نہ آهي تہ مان جنت ۾ ويندس يا جهنَّم ۾. حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا مون اهو حڪمت ڀريو ڪلام ٻڌي چيو: ماڻهو تہ اوهان کي مجنون سمجهن ٿا. تہ انهن فرمايو تہ توهان بہ دنيا وارن وانگر ڌوکي ۾ مبُتلا ٿي ويو؟ جيتوڻيڪ منهنجي اندر جنتين واري ڪا بہ خوبي نہ آهي پر منهنجي دل، رَڳن، گوشت، رت ۽ هڏين ۾ اللّٰه پاڪ جي مَحَبَّت سَرايت ڪري چڪي آهي. مان اللّٰه ڪريم جي مَحَبَّت ۾ گرفتار ٿي ديوانو بڻجي ويو آهيان. (حدائق الاوليا،٢/ ٢٢٢)

رهوں مَست و بے خود میں تیری وِلا میں　　پلا جام ایسا پلا یا الٰہی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ اسان جا بُزرگ سڳورا رَبِّ ڪريم جي خوف مان ڪيتري قدر روئيندا هئا ۽ ڏينهن رات نيڪين ۾ مشغول رهڻ جي باوجود بہ پنهنجي عملن کي ڪافي نہ سمجهندا هئا انهن ماڻهن جي عاجزي ۽ انڪساري جي شان بيان ڪندي ڪنهن پنجابي زبان ۾ ڇا خوب فرمايو آهي:

www.dawateislami.net

راتیں زاری کر کر روندے، نیند اکھیں دی دَھوندے
فجریں اَو گنہار کہاندے، سب تھیں نیویں ہوندے

(يعني اهي اهڙا نيڪ ٻانها آهن جن جون راتيون گريہ وزاري ڪندي گذرنديون آهن جنهن جي سبب انهن جون ننډون اڏري وينديون آهن ان جي باوجود جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ ماڻهن جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڏا گنهگار تصوّرڪندا آهن)

پر افسوس! اسان جي حالت هي آهي تہ هڪ تہ اسان نيڪ عمل ڪيون نٿا جيڪڏهن ڪو عمل ڪري بہ وٺون تہ ڪوشش اها هوندي آهي تہ ڪنهن نموني ماڻهو مون کي ڏسي وٺن تہ جيئن منهنجي نيڪ نامي ٿئي. ياد رکو! رياڪاري سان ڪيو ويندڙ عمل هرگز قابلِ قبول ناهي، تنهنڪري هر نيڪ عمل کان پهريان پنهنجي نِيت تي چڱي طرح غور ڪرڻ گهرجي تہ ان مان مقصد رَبّ ڪريم جي رِضا آهي يا مال ۽ زَر جو حُصُول يا ٻيو ڪو دُنياوي فائدو؟ بد قِسمتيءَ سان اڄڪلھ اسان جي عِبادتن مان اِخلاص ختم ٿيندو پيو وڃي، نماز پڙهون ٿا تہ ان ڪري جو ماڻهو اسان کي نمازي چون. صدقو ۽ خيرات ڪيون ٿا تہ ان ڪري جو ماڻهن ۾ اسان جي سخاوت جي هاڪ ٿئي. حج ۽ عمرو ڪرڻ کان پوءِ اها خواهش هوندي آهي تہ ماڻهو مون کي حاجي صاحب چئي سڏين. گهر ۾ ڳالهہ ڳالهہ تي جهيڙو ڪيون پر ٻاهر وارن سان حُسنِ اخلاق (Boleteness) سان ان ڪري پيش اچون ٿا تہ ماڻهن ۾ بااخلاق مشهور ٿي وڃون. ياد رکو! جن نيڪ ڪمن کي سڄي زِندگي اسان پنهنجي لاءِ آخرت جو سامان ۽ نَجَات جو ذَرِيعو سمجهندا رهياسين اُئين نہ ٿئي جو رياڪاري جي ڪري اهي سڀ برباد ٿي وڃن ۽ قيامت جي ڏينهن حسرت ۽ ندامت کان علاوه ٻيو ڪجھ هٿ نہ اچي. اچو! رياڪاري جي مذمت تي ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻڌو ۽ ان باطني مرض کان بچڻ جي ڪوشش بہ ڪريو، جيئن تہ

❖ ارشاد فرمايائون: جنّت جي خوشبو پنج سؤ (500) سالن جي مفاصلي (يعني پري) کان سونگهي سگهجي ٿي پر آخرت جي عمل سان دنيا حاصل ڪرڻ وارو ان کي نہ سونگهي سگهندو. (كنزالعمال، كتاب الاخلاق، قسم الاقوال، حرف الراء الرياء، ٢ /١٩٠، جز٣،حديث:٧٤٨٩)

www.dawateislami.net

❖ ارشاد فرمايائون: جيڪو شهرت لاءِ عمل ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ذليل ڪندو. جيڪو ڏيکاءُ لاءِ عمل ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عذاب ڏيندو.

(جامع الاحاديث للسيوطي،قسم الاقوال،۴۴/۷، حديث: ۲۰۷۴۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ رياڪاري ڪرڻ واري بد نصيب کي جنت جي خوشبو بہ نہ پهچندي. اهڙي بد عمل کي قيامت جي ڏينهن ذليل ۽ رسوا ڪيو ويندو ۽ ان کي سخت عذابِ الٰهي کي منهن ڏيڻو پوندو. ياد رهي رياڪاري سان دنيا ۾ نيڪ نامي ۽ فائدا تہ ملي سگهن ٿا پر آخرت ۾ اهڙي عمل جي ڪا جزا نہ هوندي. تنهنڪري پنهنجي دل مان ماڻهن طرفان تعريف ڪرڻ جي خواهش ڪڍي ڇڏيو. هر وقت قبر ۽ حشر جون خوفناڪ ۽ جهنّم جي سخت سزائن کي ذهن نشين رکو. صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ عمل ڪريو ۽ بُزرگانِ دين جي سيرت کي زندگي جي هر حصي ۾ پنهنجي لاءِ مشعلِ راهہ بڻايو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان خوفِ خدا جي دولت نصيب ٿيندي. الله پاڪ جي مقرب ٻانهن جي عملي حالت بيان ڪندي هڪ بزرگ فرمائن ٿا: اهي ماڻهو (ڪثرت سان نيڪيون ڪرڻ جي باوجود ان جي خفيہ تدبير کان) خوف زده رهندا ۽ توهان تفريط (يعني گناهن ۾ غرق هئڻ جي باوجود) بي خوف رهو ٿا. اهي مبارڪ هستيون نيڪين جي باوجود روئينديون هيون ۽ توهان بي ڪار رهي ڪري بہ کلو ٿا. اهي ماڻهو بيمار رهڻ جي باوجود سڄي رات (عبادت جي لاءِ) جاڳندا هئا ۽ توهان تندرست رهي بہ سستل رهو ٿا. اهي درست راهہ تي هلندا هئا ۽ توهان غضب جي رستن تي ڀڄندا وتو پيا. (حدائق الاولياء،۲/ ۲۲۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اڄ اسان جي عملي حالت نهايت خراب ٿي چڪي آهي خوفِ خدا اسان جي دلين مان ختم ٿي چڪو آهي ۽ اسان پنهنجن بزرگن جي طريقن کان بلڪل پري ٿيندا پيا وڃون. اهو ئي سبب آهي تہ اڄ عورتن جي آزادي ۽ عورتن کي مردن سان کلهو ڪلهي سان ملائڻ جي نعري اسان جي نوجوان نسل کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. فيشن پرستي ۽ بي

حيائي ايتري قدر وڌي چڪي آهي، هر گلي محلي بلڪ گهر گهر ۾ بي حيائي جا دل ڏڪائيندڙ نظارا آهن، مخلوط تعليمي ادارن، اسپتالن، دفترن ۽ تفريح گاهن ۾ مردن ۽ عورتن جو اِختلاط (ميل جول) عام ٿي چڪو آهي انهيءَ ميل جول جي سبب مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان جو نوجوان نَسل گرل فرينڊ (Girlfriend) ۽ بواءِ فرينڊ (Boyfriend) جي مَنحوس چڪر ۾ ڦاسجي ڪهڙي طرح پنهنجي شرم ۽ حيا کان بلڪل پري ٿي ويو آهي اها ڳالهہ ڪنهن کان لڪيل ناهي، اڄ هڪ پيءُ پنهنجي جوان ڌيءُ کي پاڻ بازارن جي رونق بڻائي ٿو، مڙس پنهنجي زال کي سجائي سينگاري ماڻهن جي بدنگاهين جو ذريعو بڻائي ٿو، ڀاءُ آهي تہ اهو پنهنجي ڀيڻ کي بي پردگي کان روڪڻ جي لاءِ ڪوشش تائين نٿو ڪري،

دن لہو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

شعر جي مختصر وضاحت: اي غافل مسلمان تنهنجا ڏينهن راند روند ۾ گذرندا آهن ۽ راتيون تون اللّٰه پاڪ جي ياد کان غفلت ۾ وڃائي ڇڏيندو آهين،نہ ئي توکي خوف خدا آهي جو مرڻ کان پوءِ اللّٰه پاڪ جي حضور حاضر ٿيڻو آهي ۽ نہ ئي توکي پنهنجي نبيصَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان شرم ۽ حيا اچي ٿي جو محشر جي ڏينهن ان کي بہ منهن ڏيکارڻو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پهريان جڏهن اهو نَعرو بُلَند ڪيو تہ ”مرد ۽ عورت کلهو ڪلهي سان ملائي هلن، ان جي اها نُحُوست ظاهر ٿي تہ گهر جي چارديواري ۾ مَحْفوظ عورت بي پرده ٿي گهر کان ٻاهر نڪري آئي ۽ هاڻي مغرب کان هلڻ وارو هي جملو ليڊيز فرسٽ (Ladies First) يعني ”پهرين خواتين“ هتي بہ اچي پهتو پهرين تہ عورت کي مرد سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهاريو ۽ پوءِ هڪ قدم اڳتي وڌيڪ اڳتي پهچائي وڌيڪ بي حيائي ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. اسان جون عورتون اهو سمجهڻ لڳيون تہ هن جُملي جي ذريعي معاشري ۾ اسان کي عِزت وقار ڏنو پيو وڃي حالانڪ هن جُملي جو مَقصَد عورتن کي ڪنهن قسم جي عزت

www.dawateislami.net

ڏيڻ ناهي بلڪ صِنفِ نازُڪ (نازڪ جنس) کي بي وُقُوف بڻائي ان جي حُسن ۽ جَمَال کي پنهنجي مالي فائدن کي حاصل ڪرڻ جو ذرِيعو بڻائڻ آهي، جنهن جو مُظَاهرَو فيشن شَوز (Fashion Shows)، بِل بورڊز (Billboards) ۽ اِشْتِهارات (Advertisement) جي ذريعي سرِ عام ٿيندو آهي.

اڄ اسلام جا دشمن عورت جي عزت ۽ پاڪدامني کي خراب ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙي همدردي ظاهر ڪري بي حيائي کي فيشن، بي پردگيءَ کي مساوات،عورت جي عزت جي تحفظ جي باري ۾ جيڪي شريعت جا احڪام بيان ٿيا ان کي ”قيد“ سمجهي ڪري پردي جي متعلق اسلامي احڪامن جي خلاف ورزيءَ کي آزادي ۽ عورت کي هَوَس ڀريل نگاهن سان ڏسڻ کي ترقي قرار ڏئي عورتن جي حقن جي ڳالهہ ڪن ٿا. ياد رکو هَوَس جي انهن پوڄارين جي مثال انهن بکايل بگهڙن وانگر آهي جن ٻڪرين جي حق ۾ جلوس ڪڍيو تہ ٻڪرين کي آزادي ڏيو،ٻڪرين جا حق ماريا پيا وڃن،انهن کي گهرن ۾ قيد ڪري رکيو ويو آهي. اهو ٻڌي ڪوڙ ساريون جوان ۽ جذباتي ٻڪريون بگهڙن کي پنهنجو همدرد سمجهڻ لڳيون ۽ انهن وانگر ڳالهائڻ لڳيون هڪ عقلمند پوڙهيءَ ٻڪريءَ انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ بگهڙَ اسان جا دشمن آهن، انهن جي ڳالهين ۾ نہ اچو چارديواري ۾ جيڪو توهان کي تحفظ حاصل آهي آزادي ملندي ئي ان کي شديد خطرا سامهون ايندا پر نوجوان ٻڪرين ان جي ڳالهہ نہ ٻڌي ۽ پنهنجي خيرخواهہ کي دشمن سمجهي ڪري آزادي آزادي جا نعرا لڳائڻ شروع ڪري ڏنا مالڪ مجبور ٿي ڪري انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ٻڪريون تمام گهڻيون خوش ٿيون ۽ ڊوڙندي چارديواري مان ٻاهر نڪتيون پر اهو ڇا! اڃان تہ آزادي جي هوا ۾ چڱي طرح ساهہ بہ نہ کنيو هو تہ بگهڙن حملو ڪري انهن کي چيري ڦاڙي ڇڏيو.

**سکڻ جو مدني گل:** مسلمان عورتن کي گهرجي تہ حقيقت جي عڪّاسي ڪندڙ هن فرضي حڪايت کي نظر انداز نہ ڪن ۽ اسلام انهن کي عزت ۽ آبرو جي حفاظت جي لاءِ چادر جي صورت ۾ جيڪو خيمو ۽ چار ديواري جي صورت ۾

www.dawateislami.net

جيڪو قلعو عطا ڪيو آهي خدارا!ان ڪي غنيمت ڄاڻيو ۽ ان قلعي ۾ خيمي کان ٻاهر نڪرڻ ۽ پاڻ سان گڏ ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ جي دعوت ڏيڻ وارن ٻگهڙن کي ٻڪري ٻڌجي پنهنجو خيرخواه هرگز نہ سمجهيو،اڄ عورت جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ وارا حقيقت ۾ عورتن تائين پهچڻ جي آزادي گهري رهيا آهن، انهن کي عورتن جي حقن جي نہ پر پنهنجي غليظ اڄ ختم ڪرڻ جي فڪر آهي اي ڪاش ڪو سمجهي!!!

چادر ۽ چار ديواري جي ضرورت ۽ اهميت معلوم ڪرڻ جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پردي جي موضوع تي لکي ويندڙ انمول ۽ بهترين ڪتاب ”**پردي جي باري ۾ سوال ۽ جواب**“ ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”فيضان سوره نور“ پاڻ بہ پڙهو ۽ خاص ڪري اسان جي گهر جي اسلامي ڀينرن کي ان جو مطالعو ڪرڻ جو ذهن ڏيو.

افسوس اڄ اسان جي دفترن (Offices)، بينڪن (Banks) ۽ اسپتالن (Hospitals) بلڪ جتي وجو خاص ڪري اِستِقباليہ (Receptions) تي مَاڊرن ڇوڪرين ( Modern Girls) کي ئي رکيو ويندو آهي تہ جيئن ماڻهن جي توجہ حاصل ڪري پنهنجي ڪاروبار (Business) کي تَرَقّي ڏني وڃي، بلڪ هاڻي تہ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ نوجوان عورتن سان هٿ ملائڻ (Handshake) تائين کي بُرو مَحسُوس ناهي ڪيو ويندو ۽ وڏي بي شرمي سان اهو چيو ويندو آهي تہ ماڊرن دور آهي سڀ هلي ٿو. اهڙن ماڊرن ماڻهن کي جهنجهورڻ انهن کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ، فيشن جي نالي تي بيهودگي ۽ بي حيائي جي سيلاب مان ڪڍڻ ۽ دل ۾ خوف پيدا ڪرڻ جي لاءِ اچو! فيشن پرستي جي مذمت تي هڪ روايت ٻڌو، جيئن تہ

## ناجائز فيشن ڪرڻ وارن جو انجام

حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: (مِعراج جي رات) مون ڪجھ مَردن کي ڏٺو جن جو کلون باھ جي ڦينچين کان ڪٽيون پئي ويون، مون پڇيو: هي ڪير آهن؟ جبرئيلِ امين (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام) ٻڌايو: هي ماڻهو ناجائز

شين کان زِينت حاصل ڪندا هئا. ۽ مون هڪ بدبودار ڪڏ ڏٺي جنهن ۾ گوڙ ۽ شور هو، مون چيو: هي ڪير آهن؟ تہ ٻڌايائين: هي اهي عورَتون آهن جيڪي ناجائز شين کان زِينت حاصل ڪنديون هيون. (تاريخِ بغداد،۱/۴۱۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺي وجو! ۽ رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ توبہ ڪريو ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ فيشن ڪندي ڪندي اسان جي زندگي بہ ختم ٿي وڃي ۽ اسان سان بہ الله نہ ڪري ائين ٿئي. افسوس صد افسوس! هلندڙ زماني ۾ ڪجھ نادان والدين پاڻ پنهنجن ٻارن کي فيشن ايبل بڻائڻ جي لاءِ اهڙن اسڪولن، ڪاليجن ۾ تعليم (Education) ڏياريندا آهن جتي دنيا جي رنگينين ۽ بي حيائي جي تعليم معاذالله وڏي اهتمام سان ڏني ويندي هجي جتي باقاعده ميوزڪ ۽ ڊانس جي ڪلاس لڳندي هجي، اهڙي ڪريل سوچ جا مالڪ ڪجھ نادان پنهنجي اولاد کي سنتن ڀري اجتماعن ۾ وڃڻ، ڏاڙهي رکڻ، نمازون پڙهڻ کان روڪيندا آهن تہ اسان جو ٻار مولوي بڻجي ويندو، مٿي تي عمامو ٻڌي ويندو، رات جو اُٿي تهجد پڙهڻ لڳندو، ٻين مسلمانن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارو بڻجي ويندو ۽ اسان تي بہ گناهن جون سموريون پابنديون لڳائي ڇڏيندو، هن معاشري ۾ جتي اهڙا نادان آهن تہ دين جي معاملي ۾ پنهنجن ٻارن کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻائيندا اتي اڄ فتنن سان ڀرپور هن زماني ۾ بہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙا والدين بہ موجود آهن جيڪي شريعت جي حڪم تي پنهنجو مٿو جهڪائي همت ۽ حوصلي سان معاشري جي طعنن کي برداشت ڪندي اولاد جي اصلاح ۽ انهن جي اسلامي طريقي سان مدني تربيت ڪري پنهنجي ۽ ان جي آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون ڪن ٿا، اهو ئي سبب آهي تہ ان مدني ذهن رکڻ وارن جي اولاد مان ڪو حافظِ قرآن ٿيندو آهي، ڪو قرآن جو قاري بڻجڻ جي سعادت ماڻيندو آهي، ڪو نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارو مبلغِ دعوتِ اسلامي بڻجندو آهي، تہ ڪو عِلمِ دِين جي روشني ڦهلائڻ وارو عالمِ دين ۽ مفتي بڻجي اُمَّتِ محبوب جي شرعي رهنمائي ڪندو آهي. جنهن ماءُ پيءُ جا ٻار ان انداز سان دِين جي خدمت ڪري رهيا هجن اهي هن حقيقت سان بخوبي واقف هوندا تہ ڊاڪٽر ۽ انجنيئر

وغيره ٻنائڻ جا فائدا (Benefits) صرف دنيا تائين ئي محدود هوندا آهن جڏهن تہ نيڪ اولاد والدين جي وفات کان بعد بہ فائدي مند ثابت ٿيندو آهي. جيئن تہ حضرت سَيدُنا بُرَيدَه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ ٻنهي جهان جي مالڪ ۽ مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن قرآن پڙهيو ۽ ان کي سکيو ۽ ان تي عمل ڪيو ان جي والدين کي قيامت جي ڏينهن نور جو هڪ اهڙو تاج پارايو ويندو جنهن جي چمڪ سج جيان هوندي ۽ ان جي والدين کي بہ حُلّا (جبا) پارايا ويندا جنهن جي قيمت هي دُنيا ادا نٿي ڪري سگهي تہ هو پڇندا، اسان کي هي لباس ڇو پارايا ويا آهن؟ انهن کي چيو ويندو: توهان جي ٻارن جي قرآن کي پڪڙڻ جي سبب. (مستدرڪ ،ڪتاب فضائل القرآن، باب من قراالقرآن وتعلمه الخ، رقم: ٢١٣٢، ٢/ ٢٧٨) هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون تہ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ نيڪ ٻانهي جو درجو جنت ۾ بلند فرمائيندو تہ هو چوندو تہ اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! مون کي اهو مرتبو ڪيئن مليو؟ تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو تہ تنهنجي پٽ تنهنجي لاءِ بخشش جي دعا گهري آهي.
(مشكاةالمصابيح،كتاب الدعوات،باب الاستغفار والتوبة،حديث:٢٣٥٤، ١/ ٤٤٠)

مری آنے والی نسلیں تیرے عشق ہی میں مچلیں انہیں نیک تُوبنانا مدنی مدینے والے!
(وسائلِ بخشش،ص٤٢٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جن جو اَولاد نيڪ ۽ قرآن ۽ سُنَّت تي عمل ڪرڻ وارو ۽ حافظِ قرآن هوندو انهن کي بروزِ قيامت اهڙو قيمتي تاج پارايو ويندو جنهن جي روشني سج جيان هوندي، اهڙن خوش نصيبن کي وڏيڪ قيمتي لباس پارايو ويندو. جنت ۾ انهن جا درجا بلند ڪيا ويندا. تنهنڪري پاڻ بہ نيڪ عمل ڪريو، تلاوتِ قرآن جو معمول بڻايو، پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪريو ۽ پنهنجي اولاد جي تربيت ڪندي انهن کي بہ شروع کان خوفِ خدا جو ذهن ڏيڻو پوندو تہ جيڪڏهن ننڍپڻ کان ئي خوف خدا جي دولت نصيب ٿي وئي تہ سڄي زندگي گناهن جي دلدل ۾ ڦاسڻ کان پنهنجي پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندا. اچو! ٻارن ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻ جي لاءِ ان باري ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌو، جيئن تہ

www.dawateislami.net

## حقيقي مَدَني مُني جو خوفِ خدا

هڪ چار سالا حقيقي مدني منو سيِّد زادو بازار ۾ زارو قطار روئي رهيو هو، ڪنهن شخص آلِ رسول جي خدمت جي جذبي کان پرجي ڪري عرض ڪيو: شهزادا! ڇا ڳالهہ آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن شيء جي ضرورت هجي تہ حڪم فرمايو هاڻي حاضر ڪيان ٿو، هي ٻڌي ڪري مدني مني جي روئڻ جو آواز وڌيڪ بلند ٿي ويو ۽ چيائين: چاچا سائين! الله عَزَّوَجَلَّ جي غضب ۽ جهنم جي عذاب جي خوف سان دل ٻڏي رهيو آهي! ان صاحب شفقت سان عرض ڪيو: شهزادا! اوهان تہ تمام ننڍا آهيو هينئر کان ايترو خوف ڪهڙو؟ اطمينان رکو ٻارن کي عذاب نہ ڏنو ويندو، هي ٻڌي ڪري مدني مني جو خوف اڃان وڌيڪ ٿي ويو ۽ روئندي چيائين: چاچا سائين! مون ڏٺو آهي تہ وڏين ڪاٺين کي ساڙڻ جي لاءِ ان جي چوڌاري ننڍيون ننڍيون ڪاٺيون رکيون وينديون آهن، باهہ ننڍين ڪاٺين کي جلد لڳندي آهي ۽ انهن جي ڪري پوءِ وڏيون ڪاٺيون بہ سڙڻ لڳنديون آهن! مان ڊڄان ٿو تہ ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن ڪافرن کي جهنم ۾ ساڙڻ جي لاءِ ننڍين ڪاٺين جي جڳهہ تي ڪٿي مون کي نہ ساڙيو وڃي! (انيس الواعظين ص ٧٥،بِتَغَير)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن نصيحت آموز واقعي کي ٻڌي خوفِ خدا کان ڏکي وڃو تہ هو هڪ ننڍو ٻار ٿي بہ جهنم جي خوف مان لڙڪ وهائي رهيو آهي ۽ اسان ننڍپڻ تہ ڇا جواني بلڪ ڪجهہ تہ پوڙاپڻ جي ان منزل تي پهچي بہ گناهن کان پاسو نٿا ڪريون، جنهن کان پوءِ آخري منزل يعني قبر جو خوفناڪ کڏو آهي عذابِ الٰهي جون سزائون ٻڌي بہ نٿا گهبرائيون، جيڪڏهن ڪو سُنَّتن جو پيڪر اسلامي ڀاءُ اسان کي سمجهائي تہ ان جي ڳالهہ کي بلڪل اهميت نٿا ڏيون، ڪي تہ اهڙا بي باڪ هوندا آهن جو وڏي دليري سان ان کي اهو چئي ماٺ ڪرائيندا آهن تہ مولانا صاحب اسان کي نہ سمجهايو اسان کي پنهنجي قبر ۾ وڃڻو آهي توهان کي پنهنجي قبر ۾، اسان سان جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو. الامان والحفيظ!-

منا منا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو ته سهي اسان کهڙي نموني پاڻ کي ڪوڙي تسلّي ڏئي رهيا آهيون ته جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو، جيڪڏهن اسان جي بُرائين جي سبب قبر (Grave) ۾ نانگ ۽ وڇون اچي ويا ته ڇا ڏٺو ويندو؟، اسان جي برن عمل جي ڪري قبر ۾ باهه ڀڙڪائي وئي ته ڇا ڏٺو ويندو؟، مرڻ وقت ايمان جي دولت کسي وئي ته ڇا ڏٺو ويندو؟، گانن باجن جي نحوست سان ڪنن ۾ جيڪڏهن پگهاريل شيهو وڌو ويو ته ان وقت ڇا ڏٺو ويندو؟، بد نگاهي ڪرڻ وارن جي اکين ۾ باهه جون سرائيون ڦيريون ويون ته ڇا ڏٺو ويندو؟ اڄ جيڪڏهن اسان جي پيرن ۾ ڪنڊو لڳي وڃي، هٿ تي ڇُري لڳي وڃي يا ٿابو اچي ته تڪليف جي شدت سان رڙيون ڪريون ٿا ته پوءِ جهنّم جي عذاب جي باري ۾ آخر اهو ڇو چئون ٿا ته ”جيڪو ٿيندو سو ڏٺو ويندو“. لهٰذا ”جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو“ واري غلط سوچ کي پنهنجي دل ۽ دماغ مان ڪڍي غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿي وڃو، پنهنجي دل ۾ رَبّ ڪريم جو خوف پيدا ڪريو، ڇوته خوفِ خدا رکڻ وارا اللّٰه ۽ رسول جا محبوب هوندا آهن، خوفِ خدا رکڻ وارا گناهن کان محفوظ رهندا آهن، خوفِ خدا رکڻ وارا خوشحال زندگي گذارين ٿا، خوفِ خدا رکڻ وارن سان مخلوقِ خدا مَحَبَّت ڪرڻ لڳندي آهي. اچو! خوفِ خدا جي فضيلتن تي مشتمل ٽي (3) فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو، جيئن ته

- ارشاد فرمايائون: اللّٰه ڪريم پنهنجي ان ٻانهي سان محبت رکندو آهي جيڪو مُتَّقِي يعني پرهيزگار ۽ اللّٰه پاڪ کان ڊڄڻ وارو هجي ، ماڻهن کان بي پرواهه هجي ۽ پنهنجي چوڌاري ماڻهن جي ريل پيل (هجوم) جي خواهش رکڻ وارو نه هجي بلڪ گوشه نشين هجي. (صحيح مسلم، ڪتاب الزهد والرقائق، الحديث:٧٤٣٢، ص١٢١٢)
- ارشاد فرمايائون: اللّٰه ڪريم فرمائيندو ته ان کي باهه مان ڪڍو جنهن مون کي ڪڏهن ياد ڪيو هجي يا ڪنهن مقام ۾ منهنجو خوف ڪيو هجي۔ (شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعاليٰ ،٤٦٩/١،حديث:٧٤٠)
- ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص اللّٰه ڪريم کان ڊڄي ٿو، هر شيءِ ان کان ڊڄندي آهي ۽ جيڪو اللّٰه ڪريم جي علاوه ڪنهن ٻئي کان ڊڄندو آهي ته اللّٰه ڪريم ان کي هر شيءِ کان خوف زَدَه ڪندو آهي. (شعب الايمان،باب في الخوف۔۔الخ، ٥٤١/١، حديث: ٩٧٤)

www.dawateislami.net

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني حَلقو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي خُفيہ تدبير، ان جي بي نيازي، ان جي ناراضي، ان جي گرِفت (پڪڙ) ۽ ان جي طرفان ڏني ويندڙ عذاب کان ڏجندي گناهن کان توبہ ڪريو ۽ نيڪ عملن ڏانهن راغب ٿي وڃو ۽ توبہ تي اِستِقامت ۽ نيڪين جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن جي صحبت حاصل ڪرڻ بيحد ضروري آهي ڇوتہ نيڪ ماڻهن جي صُحبت اِختيار ڪرڻ وڏي برڪتن جو سبب آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول چڱي صحبت ماڻڻ جو ذريعو آهي اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. دعوت اسلامي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم فجر کان پوءِ **”مَدَني حلقو“** بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني حلقي ۾ روزانو ٽن 3 آيتن جي تلاوت ۽ ترجَمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان، تفسير نُورالعرفان يا تفسير صِرَاطُ الجِنَان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4 صفحا)، ۽ آخر ۾ شَجره قادِريہ رَضَويہ عطاريہ پڙهيو ۽ ٻڌيو ويندو آهي، ان کان پوءِ شجري جا ڪجھ نہ ڪجھ ورد ۽ وظيفا ۽ اِشراق وچاشت جا نفل پڙهڻ جي بہ ترڪيب هوندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شجرو شريف پڙهڻ جون گهڻيون برڪتون آهن ڇاڪاڻ تہ هن ۾ ڪيئي بُزرگانِ دين جو ذڪرِ خير موجود آهي جن جو تذڪرو رحمت جو باعث آهي. حضرت سيدُنا سُفْيان بن عُيينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ نيڪ ماڻهن جي ذِڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي. (حِلْيَةُ الْاَوْلِياء، ٧/ ٣٣٥، رقم: ١٠٧٥٠) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بُزرگانِ دين جي نيڪ ذڪر تي مشتمل ان مبارڪ شجري جي برڪت سان ماڻهن جون مُشڪلون حل ٿينديون آهن ۽ بگڙيل ڪم سنورجي ويندا آهن. اچو! ترغيب طور هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## گهريلو جهڳڙا ختم ٿي ويا

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي گهر ۾ رنجشون وڌي ويون. روز روز جهيڙن جهڳڙن جو سلسلو رهندو هو جنهن جي ڪري گهر جو سُڪون برباد ٿي ويندو هو، هوءَ ان صورتِ حال سبب سخت پريشان هئي، گهر ۾ امن قائم

www.dawateislami.net

ٿيڻ جي ڪا راھ نظر نہ پئي آئي. انھيءَ دوران پير ۽ مُرشد امير اھلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي توجُّہ سان انھن کي شجرو عاليہ پڙھڻ جو خيال آيو. بس پوءِ ڇا ٿيو! اُنھن شجره عاليہ کي گھريلو رنجشون پري ڪرڻ جي نِيت سان پڙھڻ شروع ڪري ڇڏيو. شجره عاليہ پڙھڻ جي برڪت سان ان جا گھريلو جھيڙا ختم ٿي ويا ۽ گھر امن جو گھوارو بڻجي ويو.

مشڪلين حل ڪر شہِ مشڪل ڪُشا ڪے واسطے ڪربلائيں رد شہيدِ ڪربلا ڪے واسطے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنت جو دروازو کُليل ٿو يا دوزخ جو؟

حضرت سَيِدُنا سَرُوقُ الاجُوع تابعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه ايتري ڊگھي نماز ادا ڪندا ھئا جو سندن پير سُڄي پوندا ھئا ۽ اھو ڏسي انھن جي گھر وارن کي انھن تي ترس ايندو ھو ۽ اھي روئڻ لڳندا ھئا. ھڪ ڏينھن انھن جي والده چيائين: منھنجا پٽ! تون پنھنجي ڪمزور جسم جو خيال ڇو نٿو رکين؟ ان تي ايتري مشقت ڇو وجھين ٿو؟ تو کي ان تي ٿورو بہ رحم نٿو اچي؟ ڪجھ دير جي لاءِ آرام ڪندا ڪيو، ڇا الله تعاليٰ جھنم جي باھ صرف تنھنجي لاءِ پيدا ڪئي آھي جو تنھنجي علاوه ٻيو ڪو ان ۾ نہ ويندو؟ انھن جواب ۾ عرض ڪيو، امڙ سائڻ! انسان کي ھر حال ۾ مجاھدو ڪرڻ گھرجي ڇوتہ قيامت جي ڏينھن بہ ئي ڳالھيون ھونديون، يا تہ مون کي بخشيو ويندو يا وري منھنجي پڪڙ ٿيندي، جيڪڏھن منھنجي مغفرت ٿي وئي تہ اھو صرف الله تعالي جو فضل ۽ ان جي رحمت ٿيندي ۽ جيڪڏھن مان پڪڙيو وَيُس تہ ھي ان جو عدل ھوندو، تہ پوءِ ھاڻي مان آرام نہ ڪندس، ۽ پنھنجي نفس کي مارڻ جي پوري ڪوشش ڪندو رھندس. جڏھن انھن جي وفات (Death) جو وقت ويجھو آيو تہ اُنھن گريہ وزاري شروع ڪئي. ماڻھن پڇا ڪئي: اوھان تہ سڄي عمر مجاھدن ۽ رياضتن ۾ گذاري آھي، ھاڻي ڇو روئي رھيا آھيو؟ تہ پاڻ فرمايائون: مون کان وڌيڪ ڪنھن کي روئڻ گھرجي جو مان ستر(70) سالن تائين جنھن دروازي کي ڪڙڪائيندو رھيس اڄ ان کي کوليو ويندو پر ھي ناھي معلوم

www.dawateislami.net

تہ جنت جو دروازو کُلي ٿو يا دوزخ جو؟ ڪاش! منهنجي امڙ مون کي نہ ڄڻي ها ۽ مون کي اها مشقت نہ ڏسڻي پوي ها. (حکايات الصالحين،ص۳۶بتغير)

کاش کے نہ دُنیا میں پیدا ہوا ہوتا قَبْر و حشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے کاشکے مری ماں نے ہی نہیں جَنا ہوتا
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۵۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي بُزُرگانِ دين جو طرزِ زندگي ڪيتري قدر شاندار(Magnificient) هوندو هو ۽ اهي حضرات ڏکيون ڏکيون نمازون پڙهڻ جي باوجود خوفِ خدا ۽ خوفِ جهنم جي سبب ڪيتري قدر ڏڪندا ۽ ڏڄندا رهندا هئا جڏهن تہ اسان پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺون تہ شرم سان پاڻي پاڻي ٿي وڃون تہ گهٽ آهي . ڇوتہ اسان جو حال تہ ڪجهہ اهڙو آهي جو نيڪيون ذرو بہ ناهن، نمازن، تلاوتِ قرآن ۽ مسجدن وغيره ۾ دل لڳي نٿي، سُنّتن تي عمل ٿيندو ناهي، ٻين جي اصلاح جي لاءِ تہ تڙپون ٿا پر پنهنجي اصلاح جو فڪر ناهي، گناهن ۽ فضول ڳالهائڻ جي عادت ۽ بُرن دوستن جي ڪچهري مان جان نٿي ڇُٽي، توبہ ڏانهن دل مائل نٿي ٿئي، موت جي سختين، قبر ۽ حشر ۽ جهنم جي عذابن کان ڊپ نٿو لڳي، الغرض اسان جي حالت ڏينهو ڏينهن بدترين ٿيندي پئي وڃي ۽ اسان گناهن جي دلدل ۾ تيزي سان ڦاسندا پيا وڃون. اي ڪاش! اسان کي گناهن جي بيماري کان ڇوٽڪارو ملي وڃي... اي ڪاش! اسان هر هر لمحو نيڪين ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون ... اي ڪاش! اسان جون اکيون هر وقت خوفِ خدا ۽ عشق مصطفي ۾ روئڻ واريون بڻجي وڃن... اي ڪاش اسان کي بہ پنهنجن بزرگن وانگر جهنم جو خوف نصيب ٿي وڃي...

یاربّ بچا لے تُو مجھے نارِ جَحیم سے اَوْلاد پر بھی بلکہ جہنَّم حرام ہو
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۱۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله رحمٰن جون رَحمتون بيحَد ۽ بي حِساب آهن، جيڪڏهن ڪو ٻانهو رَبّ ڪريم جي بارگاھ ۾ سچي دل سان توبہ ڪري ان جي بارگاھ ۾ جُهڪي پوي، تہ الله ڪريم ان جي گناهن کي مُعاف ڪري پنهنجو محبوب ٻانهو بڻائيندو آهي ڇوتہ الله پاڪ توبہ ڪرڻ وارن جي تمام خَطائن کي مُعاف ڪندو آهي، توبہ ڪرڻ وارن کي پنهنجو قُرب نصيب ڪندو آهي، توبہ ڪرڻ وارن کي جنَّت عطا ڪندو آهي، توبہ ڪرڻ وارن کي جهنَّم مان آزادي عطا ڪندو آهي. اچو! توبہ جي فضيلتن تي مشتمل بہ (2) فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا، جيئن

- ارشادفرمايائون: جيڪڏهن توهان گناھ ڪندا رهو، ايستائين جو اُهي آسمان تائين پهچي وڃن، ۽ پوءِ توهان الله جي بارگاھ ۾ توبہ ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي توبہ قبول فرمائي ڇڏيندو. (ابن ماجه كتاب الزهد ۴/۴۹۰حديث : ۴۲۴۸)
- ارشاد فرمايائون: الله ڪريم پنهنجي ٻانهي جي توبہ تي ان کان بہ وڌيڪ خوش ٿيندو آهي جيئن توهان مان ڪنهن جو اُٺ جهنگ ۾ گم ٿيڻ کان بعد ٻيهر ان کي ملي وڃي. (بخا ري كتاب الدعوات ۴/۱۹۱حديث ۶۳۰۹)

واقعي توبہ اهڙي شيءِ آهي جو جيڪڏهن ڪو انسان سچي دل سان توبہ ڪري تہ هو محبوبِ الٰهي بڻجي ويندو آهي ۽ الله ڪريم پنهنجي ٻانهي جي توبہ کان خوش ٿيندو آهي ۽ پنهنجي گنهگار ٻانهي جي توبہ کي قبول فرمائيندو آهي. جيئن تہ

## بني اسرائيلي نوجوان جي توبہ

بني اسرائيل ۾ هڪ نوجوان هو جنهن 20 سالن تائين الله جي عبادت ڪئي، پوءِ 20 سالن تائين نافرماني ڪئي پوءِ آئينو ڏٺائين تہ ڏاڙهي ۾ وار سفيد ٿيا هو غمگين ٿي پيو ۽ چوڻ لڳو اي منهنجا مالڪ! مون 20 سالن تائين تنهنجي عبادت ڪئي ۽ 20 سالن تائين تنهنجي نافرماني ڪئي، جيڪڏهن مان تو ڏانهن اچان تہ ڇا منهنجي توبہ قبول ٿيندي، ان اهو آواز ٻڌو، تو اسان کان مَحَبَّت ڪئي اسان تون کان مَحَبَّت ڪئي، پوءِ تو اسان کي ڇڏي ڏنو ۽ اسان بہ تو کي ڇڏي ڏنو تو اسان

www.dawateislami.net

جي نافرماني ڪئي ۽ اسان تو کي مهلت ڏني ۽ جيڪڏهن تُون توبہ ڪري اسان ڏانهن ايندين تہ اسان تنهنجي توبہ قبول ڪنداسين.

(مکاشفة القلوب ، الباب السابع عشر في بيان الامانة والتوبة ، ص ٦٢)

کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی　　قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

## مجلس مدني انعامات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ مسلمانن کي گناهن کا بچائڻ ۽ نيڪين جي راهہ تي آڻڻ جي لاءِ مصروف عمل آهي انهيءَ مدني ڪم کي وڌيڪ وڌائڻ جي لاءِ ڪم وبيش 104 شعبن (Departments) ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس مدني انعامات“ بہ آهي. هن مجلس جو بنيادي مقصد اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن، ۽ جامعاتُ المدينہ و مَدارِسُ المدينہ جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي باعمل بنائڻ ۽ انهن کي مدني انعامات تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ آهي، شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ڪاش! ٻين فرض ۽ سُنتن جي بجا آوَري سان گڏوگڏ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن مَدَني انعامات کي بہ پنهنجي زندگي جو دستورُ العَمَل بڻائي وٺن ۽ تمام ذمّہ دارانِ دعوتِ اسلامي پنهنجي حَلقن علئقن،شهرن،ڳوٺن ۾ هن مَدَني انعامات کي عام ڪن ۽ هر مسلمان پنهنجي قبر ۽ آخِرت جي بهتري جي لاءِ هن کي اِخلاص سان اپنائي الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان جَنّتُ الفردوس ۾ پنهنجي مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙيسري بڻجڻ جو عظيم ترين انعام ماڻي وٺي. اچو! اسان سڀ نيت ڪريون تہ نہ صرف اسان پاڻ مدني انعامات تي عمل جي ڪوشش ڪنداسين بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## سچي توبہ ڪرڻ وقت جي دُعا:

اَللّٰهُمَّ مَغْفِرَتُكَ اَوْسَعُ مِنْ ذُنُوبِي، وَرَحْمَتُكَ اَرْجٰى عِنْدِي مِنْ عَمَلِي

ترجمو: اي الله تنهنجو عفو ۽ درگذر منهنجي گناهن کان وڏو آهي ۽ مون کي پنهنجي عمل کان وڌيڪ تنهنجي رحمت جي اميد آهي.

(مستدرڪ، ۲۳۸/۲،حديث:۲۰۳۸)

## بيان جو خلاصو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ

- الله پاڪ جا نيڪ ٻانها خوف خدا سان ڏڪندا ۽ ڊڄندا رهندا آهن،
- خوفِ خدا رکڻ وارا ربّ ڪريم جا محبوب آهن،
- خوفِ خدا جهنم کان نجَات جو ذريعو آهي،
- خوفِ خدا رکڻ واري کان هر شيء ڊڄندي آهي،
- ان جي علاوه اسان ٻڌو تہ الله پاڪ توبہ ڪرڻ وارن جي توبہ قبول فرمائيندو آهي، ربّ ڪريم ٻانهي جي توبہ کان گهڻو خوش ٿيندو آهي. الله ڪريم اسان کي بہ خوفِ خدا جي نعمت ۽ سچي توبہ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لباس پائڻ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخِ طريقت امير ِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي 163” مدني گل“ مان لباس پائڻ جي باري ۾ مَدَني گل ٻڌون ٿا.

ٿي فرمانِ مصطفٰيصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَملاحظ ڪريو: ۞ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللهِ چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 59 حديث 2504) مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّ وَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو جو جنّ ان (شرمگاهه) کي ڏسي نہ سگهندا. (مرأۃالمناجیح ج1ص268) ۞ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ هي پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ كَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِحَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ٿي ويندا. (ابوداؤد ج 4 ص 59 حديث 4023) ۞ جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ۞ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36) ۞ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي. (ايضاً 41) ۞ منقول آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌو، يا بيهي ڪري پاجامو يا سلوار پاتي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي. (ايضاً 39) ۞ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کابو هٿ کابي آستين ۾ (ايضاً 43) ۞ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو)

www.dawateislami.net

لاهيو تہ ان جو خلاف يعني ڪابي پاسي کان شروع ڪيو ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبةالمدينہ** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگهہ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهہ وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گراٺ هجي. (رَدُّالْمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ۞ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مراة ج۶ص۹۴) ۞ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي . ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب “**بهار شريعت**” جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. (درمختار، ردالمحتارج 2 ص 93)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“**سنتيں ۽ آداب**” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net